ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 22 جنوري 2026ع 02 شعبان المعظم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپيه شمارو (160)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وڏي وزير پاران عمارت مان وڌيڪ لاش ملڻ تي ڏک جو ظاهر، حڪومت غمزده خاندانن کي اڪيلو نه ڇڏيندي: مراد علي شاهه

ڪراچي ۾ باهه سبب تباهه ٿيل گل پلازا مان وڌيڪ 30 لاش مليا، فوتين جو انگ 61 ٿي ويو

عمارت جو سرچ آپريشن جاري، ميزانائن فلور تي قائم هڪ ڪراڪري جي دڪان اندران 30 ماڻهن جا لاش هٿ آيا، ماڻهن پاڻ کي بچائڻ لاءِ دڪان ۾ پاڻ کي بند ڪري ڇڏيو هو

انهن ماڻهن جي آخري موبائل لوڪيشن به ساڳئي هنڌ ڪان آئي. اسان پاڻ دڪان مان 14 ماڻهن جا باقيات ڪڍيا آهن، واقعي وقت وڏي تعداد ۾ عورتون ۽ ٻيا ماڻهو به دڪان ۾ موجود هئا: دڪاندار

عمارت جو ملبو هٽائڻ دوران وڌيڪ لاش ۽ انساني عضوا ملي رهيا آهن، ڪيترائي ماڻهو اڃان تائين لاپتا آهن، جن جي ڳولا لاءِ سرچ آپريشن تيزي سان جاري آهي: ريسڪيو عملدار

سول اسپتال ۾ ٻن دڪانن مان 21 لاش آندا ويا آهن. اسان تصديق نٿا ڪري سگهون ته اهي صرف 21 لاش آهن يا وڌيڪ ماڻهو آهن، صبح کان صرف باقيات آندا ويا آهن: پوليس سرجن

انساني باقيات تمام خراب حالت ۾ آهن، ڏٺل انساني هڏا ۽ ڏٺل ڏند مليا آهن. ڊي اين اي ٽيسٽ نه هجڻ جي ڪري، باقيات وارثن حوالي ڪرڻ ۾ مشڪلاتون پيش اچن پيون: ڊاڪٽر سامعيا

گل پلازا واقعي ۾ تخريبڪاري جو ڪو به ثبوت نه مليو آهي، مڪمل جاچ ڪئي پئي وڃي. ڪر ٿيل ڊمپر جي رپورٽ غلط آهي. ۾ واري رامپا پلازا کي ڪجهه نقصان پهتو آهي: اي آءِ جي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) ڪراچي ۾ باهه لڳڻ سبب تباهه ٿيل گل پلازا ۾ سرچ آپريشن جاري آهي. ميزانائن فلور مان 30 وڌيڪ لاش مليا آهن، جنهن سان فوتين جو انگ 61 ٿي ويو آهي ڊي آءِ جي سائوٿ اسد رضا موجب دڪاندارن ميزانائن فلور تي ماڻهن جي موجودگي جي سڃاڻپ ڪئي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گل پلازه سانحي ۾ حياتيون وڃائيندڙن جي ياد ۾ ميڻ بتيون ٻاريون پيون وڃن

قومي اسيمبلي جو اجلاس اڄ تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جو اجلاس خميس ڏينهن صبح جو 11 رڳي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم سان ڊيووس ۾ فن لينڊ جي پرڏيهي وزيرايلينا والٽونن جي ملاقات، علائقائي معاملن تي ڳالهيون

ڊيووس (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو غزه بورڊ آف پيس ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان، وزيراعظم شهباز شريف صدر ٽرمپ جي دعوت قبولي ورتي

پاڪستان هڪ مضبوط ۽ واضح سفارتي مؤقف سان غزه ۾ امن جي قيام لاءِ قائم بورڊ آف پيس ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي: پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير تصديق ڪري ڇڏي

پاڪستان بورڊ آف پيس جي ميمبر جي حيثيت سان انهن هدفن کي حاصل ڪرڻ ۽ فلسطيني عوام جي مشڪلاتن جي خاتمي جي لاءِ پنهنجو تعميري ڪردار جاري رکندو: ترجمان پرڏيهي وزارت

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان وزيراعظم محمد شهباز شريف کي ڏنل دعوت جي قبوليت ان ڳالهه جي عڪاسي آهي ته پاڪستان مظلوم قومن جي حق ۾ عالمي سطح تي اثرائتو آواز رکي ٿو

هو فيصلو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد 2803 تحت جنگبندي، انساني تحفظ ۽ غزه جي بحاليءَ کي يقيني بڻائڻ جي عملي ڪوشش جو حصو آهي: ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري

وقتي قدم نه پر مستقل ۽ منصفاڻو حل ٿي خطي کي پائيدار امن طرف وٺي وڃي سگهي ٿو فلسطيني عوام کي سندن خوداراديت وارو حق ملڻ گهرجي. جنهن جو گاديءَ وارو هنڌ القدس الشريف هجي

اميد آهي ته 1967ع کان اڳ جي سرحدن جي بنياد تي، القدس الشريف کي گادي وارو شهر بڻائيندي هڪ آزاد، خودمختيار ۽ جاگرافيائي طور تي لڳولڳ فلسطيني رياست جو قيام عمل ۾ ايندو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان غزه ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ جي لاءِ بورڊ آف پيس (بي او پي) ۾ شموليت جي دعوت قبول ڪري ورتي آهي آمريڪا جي صدر ڊونلڊ جي ٽرمپ وزيراعظم محمد شهباز شريف کي بي او پي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي. ڪالهه اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڊيووس: وزيراعظم شهباز شريف آءِ ايم ايف جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ڪرسٽالينا جارجيوا سان ورلڊ اڪنامڪ فورم جي سائيڊ لائين گڏجاڻين ۾ ملاقات ڪري رهيو آهي

روانگي واپار مسلسل گڏيل ڪوشش سان بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي: وزيراعظم

پاڪستان زراعت، صنعت، ڪاٽين جي ڪوٽائي، اي آءِ ۽ آءِ ٽي جي شعبن ۾ تيزي سان اڏار پرڻ وارو آهي

ملڪي نظام ۾ بنيادي ڍانچاجاتي سڌارا آندا ويا آهن، روينيو گڏ ڪرڻ جي نظام کي مڪمل ڊجيٽائيز ڪيو پيو وڃي

مهانگائي جي شرح 30 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 5.5 سيڪڙو ٿي وئي آهي، پاليسي ريٽ 22.5 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 10.5 سيڪڙو ٿي ويو آهي

اسان ڪرپشن اي آءِ ۽ آءِ ٽي جي شعبي ۾ به تيزي سان اڳتي وڌي رهيا آهيون. گذريل ڪجهه سالن ۾ آءِ ٽي روانگي واپار ۾ نمايان بهتري ٿي آهي

يوٽيلٽي اسٽورز تان عام ماڻهو کي غيرمعياري شيون فراهم ڪيون وينديون هيون، اهو ادارو مڪمل طور تي بند ڪيو ويو

ڊيووس (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف روانگي واپار تي بدل ترقي حاصل ڪرڻ ۽ سماجي انگن اکرن کي مسلسل گڏيل ڪوشش سان بهتر بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي ته
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

گل پلازه کي لڳل باهه ۾ خطرناڪ ڪيميڪل شامل هجڻ سميت اهم ڇرڪائيندڙ انڪشاف

عمارتن ۾ باهيون لڳندي ڏٺيون آهن، پر عمارتن جا پلر ناهن ڪِرندا، پر هتي گل پلازه جا پلر به ڪِريا آهن: فيصل ايڌي

جيڪي لاش هٿ آيا آهن انهن جا هڏا به ڳري ويا آهن عمارت کي لڳل باهه ۾ خطرناڪ ڪيميڪل استعمال ڪيو ويو آهي

عمارت جي توسيع ڪرڻ ۾ قاعدن ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي، بلڊرز کي به تحقيقات ۾ شامل ڪيو وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) ڪراچي ۾ قيمتي انساني جانيون ڳرڪائيندڙ گل پلازه سانحي جي حوالي سان اهم انڪشاف سامهون آيا آهن ان بابت معروف سماجي شخصيت عبدالستار ايڌي جي پٽ فيصل ايڌي معائنو گل پلازه جو دورو ڪيس ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو آهي ته گل پلازه ۾ جيڪا باهه لڳي آهي ان ۾
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

گل پلازه سانحي جي متاثرين جي بحالي واري عمل کي يقيني بڻايو ويندو: گورنر

ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي اڳواڻن پيو ٻيو گورنر سان ملاقات ڪئي

سانحي ۾ بروقت بچاءُ آپريشن ۽ اثرائتي قدمن لاءِ سنڌس ڪوشش جي تعريف ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي اڳواڻ جاويد بلوائي ۽ گل پلازا جي صدر تنوير پاستا هڪ وفد سان گڏ گورنر هائوس ۾ ٻئي پيري ملاقات ڪئي ملاقات دوران تنوير پاستا گل پلازا سانحي ۾ بروقت بچاءَ
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ رپئي جي قيمت ۾ واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قيمت ۾ واڌ
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جي آءِ ايم ايف جي ايم ڊي ڪرسٽالينا جارجيوا سان ملاقات

معاشي بهتري، استحڪام جي ڪوشش ۽ اداراجاتي سڌارن تي اڳڀرائي کان آگاهي

آءِ ايم ايف جي ايم ڊي پاڪستان جي سڌاراجاتي ڪوشش جو اعتراف ڪيو

ڊيووس (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ماليياتي نظم ۽ ضبط قائم ڪرڻ اوڳاڙيون وڌائڻ ۽ پائيدار ترقي جي لاءِ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف سان فلسطين جي وزيراعظم جي ملاقات

فلسطين جو وزيراعظم محمد مصطفيٰ پاڻ وزيراعظم محمد شهباز شريف وٽ آيو

محمد مصطفيٰ فلسطين ڪاز لاءِ پاڪستان جي ڪردار تي وزيراعظم جا ٿورا مڃيا

ڊيووس (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان فلسطين جي وزيراعظم محمد مصطفيٰ ملاقات ڪري فلسطيني عوام جي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي چونڊ ترميمي بل 2025ع جي منظوري ڏئي ڇڏي

بل تحت اليڪشن ايڪٽ 2017ع ۾ اهم ترميمون ڪيون ويون آهن: رپورٽ

اهم شق تحت قانوني حوالن کي وفاقي آئيني عدالت سان هم آهنگ ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي چونڊ ترميمي بل 2025ع جي منظوري ڏئي ڇڏي اربع ڏينهن قومي اسيمبليءَ ۾ پيپلز
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بلوچستان جي عوام جي مفادن تي ڪو سمجهوتو نه ڪيو ويندو: سرفراز بگٽي

لڳ ڀڳ هڪ هزار ارب رپين جي ساليانو بجيٽ هڪ تلخ حقيقت جي نشاندهي آهي

سڌارن جو سفر مڪمل ناهي ٿيو، اهو عمل هر صورت ۾ اڳتي وڌندو رهندو: وزيراعليٰ بلوچستان

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي چيو آهي ته بلوچستان جي عوام جي مفاد تي ڪو
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

لاهور: هڪ ناري روڊ ڪناري نارنگيون وڪرو ڪري رهي آهي

چيف جسٽس آف پاڪستان جي صدارت هيٺ عدالتي سڌارن تي جائزي وارو اجلاس

وقت سر ۽ اثرائتي انصاف جي فراهمي آئيني فرض ئي نه پر اخلاقي ذميواري به آهي: چيف جسٽس

چيف جسٽس يحيٰ آفريدي عدالتي سڌارن بابت ري فارم ايڪشن پلان تي اڳڀرائيءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس جي صدارت ڪئي

اداري جاتي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۽ عوامي سهولتن ۾ اضافي بابت ماهوار اڳڀرائيءَ جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

26 آڪٽوبر 2024ع تي چيف جسٽس جو عهدو سنڀالڻ وقت موت جي سزا جي ڪيسن جو انگ 384 هو جيڪو هاڻ 107 آهي: بريفنگ

عمرقيد جا ڪيس به هڪ ئي وقت مقرر ڪيا پيا وڃن. عمرقيد جي ڪيسن جو انگ جيڪو 26 آڪٽوبر 2024ع تي 4160 هو

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي شهرين کي وقت سر ۽ اثرائتي انصاف جي فراهمي جي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 12 هزار 700 رپين جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

نيوزيلينڊ جي وزيراعظم پاران 7 نومبر تي چونڊون ڪرائڻ جو اعلان

ويلنگٽن (اي پي پي) نيوزيلينڊ جي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان بيت المال ۽ نيڪٽا وچ ۾ ڌاهر تي صحيحون ٿي رهيون آهن

شهيد بينظير ڀٽو هميشه بردباري ۽ ڊگهي نظر سان سياست ڪئي ۽ آمريت جو مقابلو ڪيو: فرحت الله بابر

شهيد راڻي پيرن ۽ فقيرن جي درگاهن تي حاضري ڏيڻ سان گڏ اوليائن ۽ بزرگن جي عزت پڻ ڪندي هئي

جلاوطني دوران به مسئلا هئا ته مارشلا جو خاتمو ڪيئن آڻي سگهجي ۽ جمهوريت ڪيئن بحال ڪجي

ڪيس نائين اليون ۾ هڪ خط پڻ موڪليو ويو هو جنهن ۾ خطرناڪ نتيجا پوڻ وارا لفظ پڻ شامل هئا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيٽر فرحت الله بابر چيو آهي ته محترمه شهيد بينظير ڀٽو هميشه بردباري ۽ ڊگهي نظر سان سياست ڪئي، آمريت
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ليکڪ ۽ پ پ اڳواڻ فرحت الله بابر، امينه سيد ۽ ٻيا ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

اسحاق ڊار جي ڊيووس ۾ ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند سان ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر جي اختيار ولي خان جي رهائشگاهه آمد، والده جي وفات تي تعزيت

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق، ڪي پي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ايران مون کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي ته ان کي دنيا جي نقشي تان مٽائي ڇڏينداسين: صدر ٽرمپ

گرين لينڊ حاصل ڪرڻ لاءِ طاقت جو استعمال نه ڪنداسين، وينزويلا جهڙا ٻيا ملڪ به اهڙو معاهدو ڪن: آمريڪي صدر

اسان 200 سالن کان ان کي خريدڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، اهو خطو آمريڪي سيڪيورٽي لاءِ ضروري آهي

يورپ ۾ ڪجهه جايون هاڻ سڃاڻپ لائق ناهن رهيون، عوامي هجرت يورپ کي نقصان پهچايو، يورپي ملڪ سڌارن تي ڌيان ڏين

اسان ڪيترن ئي سالن تائين يورپ جي مدد ڪئي بدلي ۾ ڪجهه نه مليو، اسان مهانگائي کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب رهياسين

ڊيووس (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران مون کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي ته ان کي دنيا جي نقشي تان مٽائي ڇڏينداسين، آمريڪا سڄي دنيا جي معاشي انجڻ آهي مون کي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سڀني عمارتن ۾ ٽن ڏينهن اندر فائر سيفٽي سسٽم لڳائڻ ممڪن ناهي: آباد اڳواڻ

شهر ۾ نشاندهي ڪيل عمارتن مان ڪيترين عمارتون 30 کان 35 سال پراڻيون آهن

مڪمل انجنيئر ڊيزائن سان مسئلو حل نه ٿيندو، وقت، وسيلن ۽ منصوبه بندي جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊيولپرز (آباد) جي چيئرمين محمد حسن بخشي چيو آهي ته صرف ٽن ڏينهن اندر ڪراچي جي سڀني عمارتن ۾ فائر سيفٽي جا آلات نصب ڪرڻ عملي
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي فائر بريگيڊ جو نظام انتهائي خراب حالتن جو شڪار آهي: ورڪرز اڳواڻ

شهر اندر موجود فائر بريگيڊ وٽ موجود 60 فائر ٽينڊرن مان 18 خراب حالت ۾ آهن

ايمبولينس جي سخت ڪوت آهي، هيلپ لائين اڪثر خراب ۽ وائرليس سسٽم غيرفعال آهي: ذوالفقار شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فائر بريگيڊ شديد بحران جو شڪار آهي ۽ عملي جي ڪوٽ ظاهر ڪراچي شهر ۾ فائر بريگيڊ جو نظام انتهائي خراب حالتن جو شڪار آهي. آل پاڪستان فائر اينڊ
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ فصلن جي انشورنس متعارف ڪرائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا پيا وڃن: جام ڪمال

حڪومت صوبي ۾ زرعي بنيادن تي صنعتن جي فروغ لاءِ سرگرم قدم کڻي رهي آهي

وڏي وزير سان ملاقات ۾ زراعت، لائيو اسٽاڪ، انشورنس ۽ ماربل سٽي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان سان ملاقات ڪئي جنهن دوران زراعت، لائيو اسٽاڪ، انشورنس ۽ ماربل سٽي منصوبن سميت اهم شعبن جي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڊيووس: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار فنلينڊ جي پرڏيهي وزير ايلينا والٽونن سان ملي رهيو آهي

خانپورمهر بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ٽيسٽ جو نتيجو پڌرو، ڪامياب شاگردن ۾ انعام تقسيم ڪيا ويا

خانپورمهر (ن ع)، جنهن ۾ تعليمي سماجي ۽ سرڪاري شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جا مهمان خاص ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنرائي، سماجي اڳواڻ حاجي زبردست خان مهر ۽ سي ايم او ايجوڪيشن عمران علي سيال هئا، جڏهن ته اسڪول جي پرنسپال عبدالحنان ڪلوڙ صدارت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي مهمان خاص چيو ته ميگا ٽيسٽ جهڙيون تعليمي سرگرميون
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مقامي اسڪول ۾ ٻارڙيون رانديون ۾ حصو وٺي رهيون آهن

ٺري ميرواهه: پ پ اڳواڻ نظر محمد ڳاهو سان پٽ جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

ٺري ميرواهه (ن- ع) پيپلزپارٽي جي اڳوڻي پوليٽڪل سيڪريٽري نظر محمد ڳاهو سان پٽ جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري اڳوڻي وزير اعليٰ سنڌ سيد قائم علي شاهه جيلاني جي اڳوڻي پوليٽڪل سيڪريٽري نظر محمد ڳاهو سان پٽ ڊاڪٽر آفيسر ذوالفقار علي ڳاهو جي وفات تي ڳوٺ خان محمد ڳاهو ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي جنهن ۾ ايڊوڪيٽ اختيار احمد پنهور، صحافي اطهر سهتو، مظهر
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران نادر جمالي قتل ڪيس ۾ عدالتي ڪميشن جوڙڻ جو اعلان

گهرو کاتي طرفان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار کي جوڊيشل ڪميشن جوڙڻ لاءِ خط لکيو ويو

مقتول جي وارثن ۽ سڄاڻ ڌرين پاران جوڊيشل ڪميشن جي قيام کي درست قدم قرار ڏنو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران نادر خان جمالي قتل ڪيس ۾ جوڊيشل ڪميشن جو اعلان سنڌ حڪومت دادو ۾ پوليس هٿان ماريل نوجوان نادر خان جمالي جي ڪيس جي جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن جوڙڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ان حوالي سان سنڌ جي گهرو کاتي طرفان سنڌ هاءِ
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

پ پ اڳواڻ نظر محمد ڳاهو جي پٽ ذوالفقار علي جي ٽيجهي جون رسمون

تقريب ۾ مرحوم ٽي ايم او جي پٽ زوار جونيجو مريد عباس ڳاهو کي پڳ ٻڌائي وئي

سياسي سماجي شخصيتن، اديبن، شاعرن ۽ صحافين پڳ ڪي ۽ دعا، ايصال ثواب جي لاءِ قرآن خواني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي فيڊرل ڪائونسل جي ميمبر ۽ وڏي وزير جو اڳوڻو سياسي صلاحڪار نظر محمد ڳاهو جي پٽ ٽي ايم او ذوالفقار علي ڳاهو جو ٽيجهي جون رسمون سنڌس آبائي ڳوٺ زوار خان محمد ڳاهو ۾ ٿي گذري پڳ جي رسم مرحوم ذوالفقار علي ڳاهو جي پٽ زوار
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

بيجنگ: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق چيني ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ سان ملي رهيو آهي

حڪومت سياسي مخالفن کي ذاتي دشمن نٿي سمجهي: طلال چوڌري

قيدين کي سمورا آئيني ۽ قانوني حق ڏنا پيا وڃن، هتي ڪو الڳ ورتاءُ ناهي

ناڪامي ڪانپوءِ هاڻي صرف اڊيالا جيل جي گيٽ تي سياست ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو آهي ته سمورين سياسي سرگرمين جي ناڪامي ڪانپوءِ هاڻي صرف اڊيالا جيل جي گيٽ تي سياست ڪئي پئي وڃي، حڪومت سياسي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

عالم سگهورن جي درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڪميٽي قائم

وفاقي ۽ مملڪتي گهرو وزير سان عالم سگهورن جي وفد ملاقات ڪئي

ميمبرن ۾ مفتي منيب الرحمان ۽ ٻيا عالم سگهورا ان ڪميٽي جو حصو هوندا

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ۽ مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري سان مفتي اعظم پاڪستان مفتي منيب الرحمان جي سربراهي ۾ هڪ اعليٰ سطح جي وفد ملاقات ڪئي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ترقي ۽ بهتري جو صحيح رخ اختيار ڪري ورتو آهي: دانيال چوڌري

پاڪستان سڌي راهه تي هلي پيو آهي ۽ ايندڙ وقت وڌيڪ خوشحالي ڪٺي ايندو

اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن پاڪستان آءِ ايم ايف پروگرام کي خيرباد چوندو

راولپنڊي (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بئريسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته پاڪستان انتهائي مشڪل معاشي حالتن منفي پروپيگنڊه ۽ ڊيوالپڻي جي خدشن کي پٺتي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي عمارت جو مڪمل رڪارڊ جمع ڪرائي ڇڏيو

ڪمشنر کي پيش ڪيل رڪارڊ ۾ تي فائلون گل پلازا سان لاڳاپيل عدالتي ڪيسن بابت آهن

جمع ڪرايل فائلن ۾ پلازا ۾ ضابطن تعمير خلاف ٿيل بابت دستاويز به شامل

ڪراچي: ڪراچي ۾ گل پلازا سانحي بابت اعليٰ سطحي جاچ جو عمل جاري آهي، جڏهن ته سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) چار ڏينهن بعد عمارت جو مڪمل رڪارڊ جمع ڪرائي ڇڏيو آهي ذريعن موجب، ايس بي سي اي ڪراچي جي ڪمشنر کي ست فائلون پيش ڪيون آهن
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

حقيقي تبديلي لاءِ ضروري آوازن کي بڌڻ وڌيڪ اهم آهي: جيمز هيميسن

اسان ورومين آف دي ورلڊ پاڪستان جا ڏهه سال مڪمل ٿيڻ جو جشن ملهائي رهيا آهيون

فيسٽيول ۾ عورتن، ڇوڪرين ۽ خاندانن لاءِ ثقافت، فنون، موسيقي، مڪالمن ۽ سکيا جا پروگرام پيش ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) برٽش ڪائونسل پاڪستان جي ڪنٽري ڊائريڪٽر جيمز هيميسن ڪالهه شام جو هڪ مقامي هوٽل ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان وائو پاڪستان جي ڏهن سالن جي مڪمل ٿيڻ جو جشن ملهائي رهيا آهيون ۽ اهو ڪراچي ۾ پهرين تقريب کان شروع ٿيل هن سفر
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي: ناصر شاهه

بلديات کاتي جي صوبائي وزير سان چائنيز لنگ زي گروپ آف ڪمپني جي وفد ملاقات ڪئي

ڪمپني پاران سمنڊ ۽ زير زمين جي پاڻي کي پيئڻ لائق بڻائڻ جا پلانٽ لڳائڻ ۾ دلچسپي ظاهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزير بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ سيد ناصر حسين شاهه سان چائنيز لنگ زي گروپ آف ڪمپني جي وفد ملاقات ڪئي ان موقعي تي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري، سيڪريٽري بلديات، ڊي جي ڪي ڊي اي ۽ سي اي او واٽر ڪارپوريشن پڻ موجود هئا.
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: مقامي مدرسي جا شاگرد امتحاني پيپر حل ڪري رهيا آهن

اين آءِ سي وي ڊي دنيا جو سڀ کان وڏو ادارو بڻجي ويو آهي قانوني رنڊڪون ختم ڪيون وڃن: وڏو وزير

ڪراچي ۾ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊزيزز جي 84هين گورننگ باڊي جو اجلاس ٿيو

بزنس ماڊل جو جائزو وٺندڙ ڪاميٽي جي رپورٽ اچڻ بعد گهربل فنڊن جي منظوري ڏني ويندي

سڀني رڪاوٽون ختم ڪيون وڃن ته جيئن هي ادارو بغير ڪنهن رنڊڪ عوام جي خدمت جاري رکي سگهي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊزيزز (اين آءِ سي وي ڊي) جي 84هين گورننگ باڊي اجلاس جي صدارت ڪندي اداري جي مستقبل جي تحفظ ۽ حياتي بچائيندڙ خدمتن جي دائري کي وڌائڻ لاءِ ڪيترائي اهم ۽ تاريخي فيصلا ڪيا. انهن فيصلن
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ناڻي وزير جي ڊيووس ۾ ڪويت جي هم منصب سان ملاقات

اقتصادي سهڪار جي مجموعي ڍانچي کي مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي اتفاق

ملڪ ۾ جانچ جاتي سڌارن ۾ تيزي رفتار آئي آهي نجڪاري جا قدم به شامل آهن: ناڻي وزير

ڊيووس (اي پي پي) پاڪستان ۽ ڪويت ٻه طرفي اقتصادي سهڪار جي مجموعي ڍانچي کي مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي اتفاق ڪيو ناڻي واري وزارت طرفان گذريل ڏينهن هتي جاري بيان مطابق وفاقي وزير
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

جنهاڻ سومرو ۾ چٽن ڪٽن وڌيڪ چٽن چٽن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) جنهاڻ سومرو ۾ چٽن ڪٽن جي ڏاهڻ وارا واقعا رڪجي نه سگهيا جنهاڻ سومرو ۾ چٽي ڪٽي وڌيڪ چٽين چٽن کي ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو آهي جڏهن ته زخمين ۾ 5 سالن جو محمد
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي، ڀتا خوري ۾ ملوث چار جوابدار گرفتار هٿيار هٿ

گرفتار ٿيلن ۾ عبدالقادر بگٽي، معشوق علي، غلام حسين سومرو ۽ عبدالحڪيم شامل

جوابدارن وٽان 12 بور بندوق، پسٽول، ايمونيشن، ڪرولا ڪار، موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ آئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) نيو ڪراچي واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي ڀتا خوري ۾ ملوث چار جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي رينجرز موجب گرفتار ٿيل جوابدارن جا نالا
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

بدين وارڊ هڪ جي رهواسين جو صفائي نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

بدين (ڊ ر) بدين شهر جي وارڊ نمبر هڪ خاصخيلي پاڙي جي رهواسي عورتن مردن ٻارڙن بدين ميونسپل ڪميٽي جي اڳيان پاڻي جي بندش ۽ صفائي نه ڪرائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو هن موقعي تي ياسر سيال اننه خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي بلڊرن کي عمارتن ۾ ٽن ڏينهن اندر فائر سيفٽي لڳائڻ جو حڪم

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي پاران نشاندهي ڪيل عمارتن بابت بلڊرن جي تنظيم کي خط لکيو ويو

ڪمشنر سميت سمورن ڊپٽي سپرن چيف فائر آفيسر ۽ ضلعي ڊائريڪٽرن کي به ليٽر جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازه سانحي کان پوءِ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جاڳي پئي ڪي ايم سي فائر برگيڊ کاتي پاران شهر ۾ فائر سيفٽي اڏت ڪيل عمارتن ۾ سسٽم نه لڳائڻ جي نشاندهي ايس بي سي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سرگوڌا: پنجاب پنڪ گيمز ۾ شاگرديائيون مختلف رانديون کيڏي رهيون آهن

هالا عدالت ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪندڙ ايس ايڇ او کي 26 جنوري تي طلب ڪري ورتو

نيوسعيدآباد (ت ر) نيو سعيدآباد پوليس عدالتي حڪم کي ٺڏي ڇڏيو پنهنجي پٽي پائين تي ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هالا جي عدالت شهري لالا رمضان ڪاڪا تي تشدد ڪري تذليل ڪندڙ نيوسعيدآباد ٿاڻي جي اڳوڻي ايس ايڇ او انسپيڪٽر نادر علي پٽي وڏي منشي مترسلين راجپوت سميت ڇهن پوليس عملدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هو پر نيوسعيدآباد
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جو خاص معاون هارون اختر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ حڪومت ماحولياتي تحفظ ۽ ڪاربان اخراج ۾ گهٽتائي لاءِ قدم کڻي پئي: جام خان شورو

موسماتي تبديلي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ جي سنڌ سيڪريٽريٽ اچڻ تي صوبائي وزير اڳيان ڪئي

مينگروز جي واڌاري ۽ ڪاربان ڪريڊٽ جي شعبي ۾ اثرائتا قدم ماحول جي تحفظ ۾ مددگار ثابت ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) موسماتي تبديلي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ جي سنڌ سيڪريٽريٽ اچڻ تي صوبائي وزير منصوبابندي ۽ ترقي سنڌ جام خان شورو سنڌس اڳيان ڪئي وفاقي وزير ڊاڪٽر
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ جنوري کان جون تائين 18 ميگا اسپورٽس ايونٽس منعقد ڪيا ويندا: محمد بخش مهر

اجلاس ۾ ٿر جيپ ريلي جي ٽريڪ 92 بدران 150 ڪلوميٽرن تائين وڌائڻ جي منظوري ڏني وئي

19هين سنڌ گيمز جي تياريون شروع ڪيون ويون آهن، بجيٽ جي منظوري وٺڻ لاءِ وزير کان ورتي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت هن سال جنوري کان جون تائين 18 ميگا اسپورٽس ايونٽس منعقد ڪندي مارچ جي آخري هفتي ۾ ننگرپارڪر ۾ ٿر جيپ ريلي ڪرائي ويندي اهو فيصلو رانديون ۽ نوجوانن
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جي سڀني کاتن ۾ اي پروڪيورمينٽ سسٽم لڳائڻ لازمي قرار

نئين ترميمن بابت آگاهي لاءِ کاتن جي سربراهن لاءِ ۾ خصوصي سيشن منعقد ڪيو ويو

پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي جو نيئم سرڪاري خريداري جي عمل کي شفاف آهي: ضياءِ لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پوري صوبي ۾ سرڪاري خريداري جي عمل کي وڌيڪ شفاف، اثرائتو مقابلي وارو ۽ منصفاڻو بڻائڻ لاءِ هڪ اهم قدم کڻندي سڀني کاتن ۾ اي پروڪيورمينٽ سسٽم
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جا لاڳاپا نئين اسٽريٽجڪ مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن: ناڻي وزير

ناڻي وزير جي ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي صدر سان ملاقات ۾ پاڪستان ۾ جاري اقتصادي سڌارن جو جائزو ورتو ويو

توانائي جي نظام ۾ بهتري، ڪارڪردگي ۾ اضافو ۽ ڊگهي مدي واري معاشي استحڪام لاءِ سڌارن جا قدم جاري آهن: محمد اورنگزيب

گذريل هڪ سال کان پاڪستان ۾ مجموعي معاشي استحڪام طرف نمايان اڳڀرائي ٿي آهي جنهن جو سلسلو جاري آهي

ڊيووس (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته پاڪستان ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جا لاڳاپا هاڻي نئين ۽ وڌيڪ اسٽريٽجڪ مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن، توانائي جي
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڀارت پاڻي کي هٿيار طور استعمال ڪري رهيو آهي: گڏيل قومن ۾ پاڪستان جو موقف

ڀارت معاهدي کي معطل ڪري پاڪستان جي آبي سلامتي ۽ علائقائي استحڪام لاءِ غير معمولي بحران پيدا ڪيو

معاهدو قانوني طور تي هن قوت به برقرار آهي ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي هڪ طرفي معطلي يا ترميم جي اجازت نه ڏني وئي آهي

سنڌو درياهه مان سيراب ٿيندڙ علائقائي انڊس زور بيسن پاڪستان جي زرعي ضرورتن لاءِ 80 سيڪڙو کان وڌيڪ پاڻي فراهم ڪري ٿو

گڏيل قومن (اي پي پي) پاڪستان عالمي سطح تي پاڻي جي ڪوٽ بابت گڏيل قومن جي اجلاس ۾ چيو آهي ته ڀارت 1960ع جي سنڌ طاس معاهدي کي هڪ طرفي طور معطل ڪري پاڪستان جي آبي سلامتي ۽
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

بقايا | 44 | نائبي وزير

نظام ۾ بهتري، ڪارڪردگي ۾ اضافو ۽ ڊگهي مدي وارن معاشي استحڪام لاءِ سڌارن جا قدم جاري آهن هن اهي ڳالهيون ڊيووس ۾ جاري ورلڊ اڪنامڪ فورم جي ساليانين اجلاس جي موقعي تي ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي) جي صدر ماساتو ڪانڊا ۽ مينزيس ايوي ايشن جي چيئرمين حسن الهوري سان ملاقاتن ۾ چيو. ملاقاتن ۾ پاڪستان جي اقتصادي سڌارن جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ، عالمي حصيداري کي مضبوط ڪرڻ ۽ سيڙپڪاري تي بدل ترقي ۽ اوسر کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي صدر سان ملاقات ۾ پاڪستان ۾ جاري اقتصادي سڌارن جو جائزو ورتو ويو ۽ پاڪستان ۽ اي ڊي بي وچ ۾ پراڻي حصيداري کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي بئنڪ جي صدر چيو ته پاڪستان اهم معاشي تبديلي جي مرحلي ۾ داخل ٿي رهيو آهي، جتي سڌارن ۾ تيز رفتار ۽ مارڪيٽ ۾ وڌندڙ اعتماد نظر اچي رهيو آهي

بقايا | 38 | ورڪرز اڳواڻ

ريسڪيو ورڪرز ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري سيد ذوالفقار شاهه انڪشاف ڪيو آهي ته شهر جي 29 فائر اسٽيشنن مان 8 مڪمل طور غيرفعال آهن سيد ذوالفقار شاهه موجب، فائر بريگيڊ وٽ موجود 60 فائر ٽينڊرن مان 18 خراب حالت ۾ آهن جڏهن ته 6 اسنارڪل مان رڳو 4 ڪان 5 ٽي فعال آهن اهڙيءَ ريت 6 واٽر باؤزرن مان 3 خراب پيل آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ته فائر بريگيڊ جي منظوري ٿيل عملي جو انگ 1353 آهي پر في الحال رڳو 925 اهلڪار موجود آهن 22 اسٽيشن آفيسرن مان صرف 14 ڊيوٽي تي آهن جڏهن ته سب فائر آفيسر 35 جي جاءِ تي رڳو 27 موجود آهن ذريعن موجب، ليڊنگ فائر مين 113 جي جاءِ تي صرف 60 آهن جڏهن ته فائر فائٽرن جو انگ 777 هجڻ گهرجي پر عملي طور 600 فائر فائٽر ڪم ڪري رهيا آهن

بقايا | 39 | چار ڪمال

ترقي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات وزيراعلي هائوس ۾ ٿي جنهن ۾ صوبائي وزير صنعت جام اڪرام الله

MERIT-QUALITY-EXCELLENCEMERIT-QUALITY-EXCELLENCEMERIT-QUALITY-EXCELLENCE

Sukkur IBA University
www.iba-suk.edu.pk

NOTICE INVITING RE-TENDER (THROUGH EPADS)
Tender Proc/EPADS/0086

Sukkur IBA University invites bids electronically through EPADS on **single stage two envelope** procedure from the eligible and experienced firms registered with income tax & sales tax departments for following items for Sukkur IBA Univesity.

S.#	ITEMS
01	Establishment of DC Failover Site Data Center

Tender Schedule - Date and Time

	From	To	Submission	Opening
01	January 22, 2026	February 06, 2026 upto 1:00 pm	06-02-2026 03:00 PM Through EPADS	06-02-2026 03:30 PM Through EPADS

Bid Security **2%** of the estimated cost (The estimated cost is mentioned in the procurement plan in the tender document).

Bidding documents can be obtained and shall be submitted through EPADS as per above schedule.

Bidders are requested to give their Best and Final Price as "No Negotiations" is permitted. Bidding Documents containing detailed terms and conditions can be downloaded from following websites & submitted electronically through EPADS:
https://www.iba-suk.edu.pk/tenders
https://portalsindh.eprocure.gov.pk

Bid Security @ 2% of estimated Cost in shape of pay order should be in favor of Sukkur IBA University.

Procuring agency reserves the right to accept or reject any or all bids prior to the acceptance of a bid as per SPP Rules 2010. (Amended to date).

Please send your queries to: naimat.jokhio@iba-suk.edu.pk

SUKKUR IBA UNIVERSITY
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur.
Ph: 071-5644141-5644338 Fax: 071-5804419
PID (H) 278/2025

MERIT-QUALITY-EXCELLENCEMERIT-QUALITY-EXCELLENCEMERIT-QUALITY-EXCELLENCE